
# عقيدهءِ توحيد جون عملي تقاضائون

**30 July 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتنڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

30 جولاءِ 2026ع (بمُطابق 15 صفر شريف 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# عقيدهءِ توحيد جون عملي تقاضائون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- عقيدهءِ توحيد جي مختصر تشريح
- الله پاڪ جي وُجودِ هڪ هجڻ جا دليل
- الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضريءَ کان حياءُ ڪريو!
- ٻانهو هُجڻ ڪنهن کي چئبو آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم**:** بيشڪ قيامت جي ڏينهن منهنجي سيني ڪان ويجهو اُهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي سيني ڪان وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.(1)

زبان و قلب کی عظمت درود پاک سے ہے | ہر ایک غم میں حفاظت درودِ پاک سے ہے

بروز حشر وہ ہوگا نبی کی قربت میں | جہاں میں جس کو بھی الفت درودِ پاک سے ہے

**وضاحت:** قيامت جي ڏينهن اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻُڌِي به ويندي ۽ مڃي به ويندي، جي اهڙي ڳالهه آهي ته پوءِ اسان گنهگارن جا ته ٻيڙا ئي پار ٿي ويا.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1---ترمذی، ابوابُ الوِتْر، صفحہ:144، حدیث:484۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ بااَدَب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عقيدهءِ تَوحِيد جي مختصر تشريح

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلله! اسان مسلمان آهيون. الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان اسان جو سچو، پڪو، خالص ۽ بلڪل ظاهر، عقل ۾ اچڻ وارو ۽ صاف سٿرو عقيدو آهي تہ ◈ الله پاڪ هڪ آهي ◈ ان جو ڪو شريڪ نہ آهي ◈ اُهو ئي خالق آهي ◈ اُهو ئي مالڪ آهي ◈ اُهو ئي سڀني کي رزق ڏيندو آهي ◈ اُهو ئي سڀني کي پالڻ وارو آهي ◈ سندس ذات ۽ صفات ۾ نہ ڪو اُن جهڙو آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو ◈ ان جو ڪو مثال نہ آهي ◈ ڪو بہ ان جو هم پلّہ نہ آهي ◈ ڪو بہ ان جي برابر نہ آهي ◈ بس اُهو ئي هڪ، واحد ۽ اڪيلو عبادت جي لائق آهي.

1⋯ بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

سب کا پیدا کرنے والا، میرا مولیٰ، میرا مولیٰ
سب سے افضل، سب سے اعلیٰ، میرا مولیٰ میرا مولیٰ

سب کو وہ ہی دے ہے روزی، نعمت اُس کی، دولت اُس کی
رازِق داتا، پالن ہارا، میرا مولیٰ میرا مولیٰ

ہم سب اُس کے عاجِز بندے، وہ ہی پالے، وہ ہی مارے
خوبی والا، سب سے نیارا، میرا مولیٰ میرا مولیٰ

طاعت، سجدہ اُس کا حق ہے، اُس کو پُوجو وہ ہی رب ہے
اللہ اللہ، اللہ اللہ، میرا مولیٰ میرا مولیٰ (1)

## سورة اخلاص ۾ عقيدهءِ توحِيد

جڏهن مکي جي ڪافرن پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو تہ: اهو الله جنهن جي عبادت ڏانهن توهان سڏي رهيا آهيو، اهو ڪير آهي؟ ان جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ ان سوال جي جواب ۾ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| قُلْ<br>(پارو: 30، سورة اخلاص: 1) | ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو |

سُبْحٰنَ اللہ!

---

1...رياض نعيم، صفحہ:17 ملتقطاً.

قُلْ کہہ کے اپنی بات بھی لَب سے ترے سُنی | اللہ کو ہے اتنی تِری گفتگو پسند[1]

توهان ڏسو! سوال آهي تہ: الله پاڪ ڪير آهي؟ ان جي جواب ۾ شان الله پاڪ جو بيان ڪرڻو آهي، پر قربان وڃجي! الله پاڪ فرمايو: اي منهنجا محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! ◈ توهان جي رسالت جو اعلان ڪرڻو هوندو آهي تہ مان پاڻ ڪندو آهيان◈ . توهان جو شان ۽ عظمت بيان ڪرڻي هوندي آهي تہ مان پاڻ فرمائيندو آهيان ◈ توهان جي نوراني چهري جو ذڪر ڪرڻو هجي تہ:

| | |
|---|---|
| وَالضُّحٰى ۙ (پارو: 30، سورة والضحي: 1) | يعني چهره مصطفيٰ جو قسم[2] |

مان فرمائيندو آهيان ◈ توهان جي مقدس اکين جو شان بيان ڪرڻو هجي تہ:

| | |
|---|---|
| مَا زَاغَ الْبَصَرُ (پارو: 27، سورة نجم: 17) | يعني اها اک جنهن جلوهءِ نورِ خدا غور سان هڪ هنڌ نظر کُپائي ڏٺو.[3] |

مان فرمائيندو آهيان ◈ توهان جي نوراني دل جو ذڪر ڪرڻو هوندو آهي تہ:

| | |
|---|---|
| مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى (سيپارو: 27، سورة نجم: 11) | يعني جلوهءِ نورِ خدا جي خوب سچاڻپ ڪندڙ دل. |

مان پاڻ فرمائيندو آهيان ◈ توهان جي سراپا رحمت هجڻ جو بيان ڪرڻو هجي تہ:

1…ذوقِ نعت، صفحہ:127۔
2 تفسير روح المعانی،پارہ:30،الضحی،زیرِ آیت:2 ،جلد:30 ،صفحہ:520۔
3 تفسير طبری، پارہ:27، سورۂ نجم، زیرآیت:17، جلد:11، صفحہ:518 ، رقم :32525۔

| | |
|---|---|
| وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ (پارو: 17، سورة انبياء: 107) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ اسان اوهان کي تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي ئي موڪليو |

مان فرمائيندو آهيان، پر اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هاڻي جيئن ته منهنجو شانِ اُلوهِيت ۽ منهنجي توحيد بيان ڪرڻي آهي، تنهنڪري اُها توهان پنهنجي پاڪ زبان سان بيان فرمايو: تنهنڪري فرمايو ويو:

| | |
|---|---|
| قُلۡ (سيپارو: 30، سورة اخلاص: 1) | ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو |

چوڻو ڇا آهي؟ فرمايو ويو:

| | |
|---|---|
| قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ (1) اَللّٰهُ الصَّمَدُ (2) لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ (3) وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ (4) (پارو: 30، سورة اخلاص: 1-4) | ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: اهو الله هڪ آهي. الله بي نياز آهي. نه ان ڪنهن کي ڄڻيو ۽ نه اهو ڪنهن مان پيدا ٿيو. ۽ نه وري ان جو ڪو مَٽُ آهي. |

سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙي نه پياري انداز سان منهنجي رب ڪريم جو عظيم ترين شانُ بيان ڪيو ويو آهي. توهان قرآن ڪريم جو مبارڪ اسلوب ڏسو! علم جي ميدان ۾ **مسئلہ توحيد** کي انتهائي ڏکيو موضوع سمجهيو ويندو آهي، پر قرآن ڪريم جو ڇا ته شان آهي، جو انتهائي مشڪل مسئلي کي به اهڙي ته آسان انداز ۾ بيان فرمائي ڇڏيو، جو جيڪڏهن ڪو بلڪل اڻ پڙهيل ماڻهو به سورة اخلاص جو صرف ترجمو ئي پڙهي وٺي ته ان کي الله پاڪ جي توحيد

سمجهه ۾ اچي ويندي. ڪيترن سادن لفظن ۾ شانِ توحيد بيان ڪيو ويو آهي فرمايو ويو: ◈ اُهو الله پاڪ هڪ آهي، اڪيلو آهي، ان جو ڪو به شريڪ نه آهي ◈ هُو بي نياز آهي، ڪنهن جو محتاج نه آهي. سموري مخلوق ٻڌڻ لاءِ ڪنن جي محتاج، ڏسڻ لاءِ اکين جي محتاج، پڪڙڻ لاءِ هٿن جي محتاج، هلڻ لاءِ پيرن جي محتاج، ٻيو ته نهيو پر الله پاڪ کان سواءِ ٻيو جيڪو ڪجهه آهي، سڀ زنده رهڻ لاءِ الله پاڪ جي عطا جا محتاج آهن، پر هُو واحد ۽ يگانو آهي، هُو هر لحاظ کان بلڪل بي نياز آهي، ڪنهن به گهڙي، ڪنهن به لحاظ کان، ڪنهن به معاملي ۾ ڪنهن جو به محتاج نه آهي ◈ سندس يڪتائي هن حد تائين آهي، جو نه ڪو هُن جي اولاد آهي ۽ نه هُو ڪنهن جي اولاد آهي ◈ ۽ سموري مخلوق ۾ ڪو به اهڙو ناهي، جيڪو سندس هم پلّہ (يعني شريڪ) ٿي سگهي.

| | |
|---|---|
| اللہ واحد و یکتا ہے | ایک خدا بس تنہا ہے |
| کوئی نہ اس کا ہمتا ہے | ایک ہی سب کی سنتا ہے |

لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ، اٰمَنَّا بِرَسُوْلِ الله

| | |
|---|---|
| ہر ہر ذَرّہ ہر قطرہ | شاہِد ہے ہر ہر لمحہ |
| اس کی قدرت و صنعت کا | یکتائی و وَحدَت کا |

لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ، اٰمَنَّا بِرَسُوْلِ الله(1)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1… سامانِ بخشش،صفحہ:32-33بتقديم و تاخير۔

## الله پاڪ جي وجود ۽ هڪ هئڻ جي باري ۾ دليل

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ هڪ آهي، ان جو دليل ڪهڙو آهي؟ اڄڪلھ مُلحِدَ (يعني دين جو انڪار ڪرڻ وارا) هن ڳالھ تي گھڻو زور ڏئي رهيا آهن تہ جيڪڏهن الله پاڪ آهي تہ ان جو دليل ڏيو، توهان هڪ خدا کي مڃو ٿا تہ ان جو دليل ڏيو. افسوس! هِي عقل جا انڌا پاڻ پنهنجي وجود تي غور نہ ناهن ڪندا، پنهنجي چوڌاري ڦهليل هِن هيڏي وڏي ڪائنات تي بہ غور ناهن ڪندا. قرآن ڪريم تمام آسان دليل ڏيندي، فرمايو:

| | |
|---|---|
| اَمۡ خُلِقُوۡا مِنۡ غَيۡرِ شَىۡءٍ اَمۡ هُمُ الۡخٰلِقُوۡنَ (پارو: 27، سورة طور: 35) | ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا اهي ڪنهن شيءِ جي بغير ئي پيدا ڪيا ويا آهن يا اهي پاڻ ئي (پنهنجا) خالق آهن؟ |

قرآن ڪريم غور ڪرڻ جي دعوت ڏئي رهيو آهي تہ اي انسانو! غور ڪريو، ڇا توهان بغير ڪنهن سبب جي پاڻمرادو پيدا ٿي ويا آهيو؟ يا توهان پاڻ پنهنجو پاڻ کي پيدا ڪيو آهي؟

هاڻي هن ڳالھ کي ٿورو سمجھو، اسان پنهنجي وجود تي غور ڪريون. ڇا منهنجي پيدائش جو ڪو سبب آهي يا نہ؟ يقيناً منهنجا ماءُ پيءُ منهنجي پيدائش جو سبب بڻيا آهن، وري پاڻ کان سوال ڪيو تہ: ڇا منهنجا ماءُ پيءُ پاڻمرادو پيدا ٿي ويا هئا؟ يا انهن جي پيدائش جو بہ ڪو سبب آهي؟ يقيناً منهنجو ڏاڏو، ڏاڏي، نانو ۽ ناني سندن پيدائش جو سبب آهن، اهڙي طرح مٿي کان مٿي هلندا وڃو! هِن سموري ڪائنات ۾، فرشتن ۽ جنن کان سواءِ، فقط هڪ انسان ئي باشعور ۽ عقلمند مخلوق آهي جڏهن اهڙو عقل وارو ۽ باشعور

انسان جيڪو ◈ چنڊ تائين پهچڻ جي دعويٰ ڪري رهيو آهي◈ جيڪو ڪارون ٺاهي رهيو آهي ◈ جيڪو پاڻيءَ مان بجلي پيدا ڪري رهيو آهي ◈ جيڪو موبائل، واچُون، خلائي جهاز(*Spacecraft*) ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ٺاهڻ جي صلاحيت رکي ٿو، اُهو انسان بہ جڏهن پاڻمرادو پيدا نہ ٿو ٿي سگهي، تہ پوءِ ٻڌايو! هي جبل، هي هوائون، هي ڪهڪشائون، هي زمين، هي آسمان ۽ هي سڀ ڪجهہ پاڻمرادو ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو؟ هرگز نہ ٿو ٿي سگهي. جڏهن ڪا بہ شيءِ پاڻمرادو نہ ٿي ٿي سگهي، تہ پوءِ يقيناً هن پوري ڪائنات کي پيدا ڪرڻ وارو ڪو تہ آهي ۽ **جيڪو آهي، اُهوئي خدا آهي.**

## چا توهان خالق آهيو....؟

الله پاڪ وڏيڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ (پارو: 27، سورة طور: 35) | ترجموڪنزالعرفان: يا اهي پاڻ ئي (پنهنجا) خالق آهن؟ |

هي سوال هڪ ٻئي انداز سان بہ آهي. فرمايو ويو: ڇا ماڻهن پنهنجو پاڻ ئي، پاڻ کي پيدا ڪيو آهي؟ مثال طور: مان هڪ جيئرو جاڳندو انسان توهان جي سامهون موجود آهيان. جڏهن مان نہ هئس، اجان پيدا ئي نہ ٿيو هئس، تہ پوءِ ڇا اهڙو ٿيو جو ان وقت، جڏهن منهنجو وجود ئي نہ هو تہ مون پنهنجو پاڻ کي پيدا ڪري ورتو...؟ نہ نہ! اِها تہ سراسر بيوقوفيءَ واري ڳالهہ آهي. جڏهن مان موجود ئي نہ هئس، تہ پنهنجو پاڻ کي ڪيئن پيدا ڪري پئي سگهيس؟ معلوم ٿيو تہ جيڪو موجود نہ هجي، اهو پنهنجو پاڻ کي پيدا نہ ٿو ڪري سگهي. جڏهن سائنس بہ مڃي ٿي تہ هيءَ دنيا اڳ ۾ موجود نہ هئي،

بعد ۾ پيدا ٿي آهي، تہ پوءِ سوچيو! جڏهن هڪ جيئرو جاڳندو، عقل ۽ شعور رکڻ وارو انسان بہ پنهنجو پاڻ کي پيدا نہ ٿو ڪري سگهي، تہ پوءِ هن ڪائنات پنهنجو پاڻ کي ڪيئن پيدا ڪيو هوندو؟ تنهنڪري مڃڻو پوندو تہ ضرور ڪو اهڙو آهي، جنهن هن ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي ۽ جنهن هن ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي، **اُهوئي خدا آهي.**

تعریف اس خدا کی جس نے جہاں بنایا
کیسی زمیں بنائی، کیا آسماں بنایا
پاؤں تلے بچھایا کیا خُوب فرشِ خاکی
اور سر پہ لاجُوَرْدی اِک سائباں بنایا
خوش رنگ اور خوشبو گُل پُھول ہیں کھلائے
اس خاک کے کھنڈر کو کیا گلستاں بنایا
ہر چیز سے ہے تیری کاریگری ٹپکتی
یہ کارخانہ تُونے کب رائیگاں بنایا

## امامِ اعظم ۽ خدا جا انڪاري

امامِ اعظم، امام ابو حنيفہ رَحمَۃُاللهِعَلَيۡهِ تمام وڏا عقلمند هئا. جيڪي ماڻهو پنهنجي بيوقوفي ۽ بي عقليءَ سبب اللّٰہ پاڪ جي وجود جو ئي انڪار ڪندا آهن ۽ جيڪي چوندا آهن تہ دنيا پاڻمرادو نهي وئي آهي ۽ پاڻمرادو هلي رهي آهي. امامِ اعظم رَحمَۃُاللهِعَلَيۡهِ پنهنجن مضبوط دليلن سان اهڙن ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو، تنهنڪري اُهي ماڻهو جن کي دَهريا چيو ويندو آهي، امامِ اعظم رَحمَۃُاللهِعَلَيۡهِ جي جانِ جا دشمن بڻجي ويا. هڪ ڀيري امام اعظم رَحمَۃُاللهِ عَلَيۡهِ مسجد ۾ اڪيلا هئا تہ دهريا موقعو ڏسي تلوارون ڪڍي ڪين شهيد ڪرڻ لاءِ آيا. امام اعظم رَحمَۃُاللهِعَلَيۡهِ وڏي اطمينان سان ڪين فرمايو: منهنجي هڪ سوال جو جواب ڏيو، پوءِ جيڪو وَڻيوَ سو ڪجو. انهن چيو: ٻڌايو، ڪهڙو سوال آهي؟ فرمايائون: مان هن وقت هڪ تمام وڏي سوچ ۾ آهيان تہ هڪ تمام وڏي

ٻيڙي آهي، جنهن ۾ مختلف قسمن جي واپار جو سامان پريل آهي، پر نه ڪو ان جو نگهبان آهي ۽ نه ئي ڪو ان کي هلائڻ وارو آهي، تنهن هوندي به اُها ٻيڙي مسلسل سمنڊ ۾ سفر ڪري رهي آهي، سمنڊ جي طوفاني لهرن کي چيريندي اڳتي وڌي رهي آهي، بيهڻ واري جاءِ تي بيهي رهي آهي ۽ هلڻ واري جاءِ تان هلي رهي آهي. هاڻي اُهي دهريا، جيڪي کين شهيد ڪرڻ آيا هئا، پريشان ٿي چوڻ لڳا: توهان ڪهڙي سوچ ۾ پئجي ويا آهيو! ڀلا ڪو عقلمند انسان اهڙي ڳالهه سوچي سگهي ٿو؟ ايڏي وڏي ٻيڙي، واپار جي سامان سان پريل، طوفاني سمنڊ ۾ بنا ڪنهن هلائڻ واري جي ڪيئن ٿي هلي سگهي؟ امام اعظم رَحمَۃُاللّٰہِ عَلَيۡہِ فرمايو: بس، مان به ته اِهو ئي چئي رهيو آهيان ته جڏهن هڪ ننڍڙي ٻيڙي به بغير ڪنهن هلائڻ واري جي نه ٿي هلي سگهي، ته هيءَ سڄي دنيا، زمين ۽ آسمان، سج، چنڊ، تارا، سيئي پنهنجي پنهنجي ڪم سان لڳل آهن، مقرر وقت تي موسمون بدلجي رهيون آهن، وقت تي رات اچي رهي آهي، وقت تي ڏينهن ٿي رهيو آهي، ته پوءِ ايڏي وڏي ڪائنات سواءِ ڪنهن خالق ۽ مالڪ جي ڪيئن ٿي هلي سگهي؟ اِها ڳالهه ٻڌي، اُهي ماڻهو جيڪي کين شهيد ڪرڻ آيا هئا، سيئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا. (1)

ڪوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے، وہی خدا ہے

دکھائی بھی جو نہ دے، نظر بھی جو آرہا ہے، وہی خدا ہے

## رات به توحيد جي دليل آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! يقين ڪريو! توهان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪريو ۽ تفسيرن جي روشنيءَ ۾ ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته اهڙا واضح،

1… تفسير ڪبير،پاره:1 ،البقره،زير آيت:22 ،جلد:1،صفحه:333۔

سادا ۽ آسان دليل بيان ڪيا ويا آهن، جو پلي ڪو اڻ پڙهيل ماڻهو هجي يا ڪو وڏو فلاسافر، سيئي هڪ زبان تي چوندا ته:

ڪوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے، وہی خدا ہے

الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ الَّيْلَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِضِيَآءٍ ؕ اَفَلَا تَسْمَعُوْنَ<br>(پارو: 20، سورة قصص: 71) | ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: ڀلا ڏسو ته جيڪڏهن الله توهان تي قيامت تائين هميشه رات ئي بڻائي رکي پوءِ الله کان سواءِ ڪهڙو ٻيو خدا آهي جيڪو توهان وٽ روشني آڻيندو ته ڇا توهان ٻڌو نه ٿا. |

ڪيترو نه واضح دليل آهي! اڄ سائنس جيتري به ترقي ڪري چڪي آهي، اها اسان جي سامهون آهي. تنهن هوندي به دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا ملڪ آهن، جتي **6** مهينا رات هوندي آهي ۽ اهڙا به ملڪ آهن، جتي **3** مهينا لڳاتار رات هوندي آهي، سج اڀرندو ئي نه آهي، هاڻي توهان ٻڌايو! سائنس ۽ ٽيڪنالاجي چاهي ڪيتري به ترقي ڪري وني، ڇا اهڙي ڪا صورت پيدا ڪري سگهي ٿي ته انهن ملڪن ۾ روزانو سج اڀاري سگهي؟ هرگز نه ٿي ڪري سگهي. تنهنڪري الله پاڪ ارشاد فرمايو: جن ملڪن ۾ اسان **3** مهينا رات رکي ڇڏي آهي، توهان ته انهن **3** مهينن جي رات ۾ سج به نه ٿا اڀاري سگهو، ته پوءِ سوچيو! جيڪڏهن اسان قيامت تائين صرف رات ئي رات قائم ڪري ڇڏيون ۽ ڏينهن ئي نه ڪريون، ته پوءِ ڪير آهي، جيڪو توهان جي لاءِ ڏينهن ڪندو؟ ڇا الله پاڪ کان سواءِ به ڪو خدا آهي؟ يقيناً نه آهي.

کوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے، وہی خدا ہے
دِکھائی بھی جو نہ دے، نظر بھی جو آ رہا ہے، وہی خدا ہے
سفید اُس کا، سیاہ اُس کا، نفس نفس ہے گواہ اُس کا
جو شعلۂ جاں کو جلا رہا ہے، بجھا رہا ہے، وہی خُدا ہے

## توحيد جي عقيدي جون عملي تقاضائون

پيارا اسلامي ڀائرو! عقيدهءِ توحيد جي باري ۾ هي ڪجھ دليل مون توهان جي سامهون پيش ڪيا آهن، ان جي باري ۾ ٻيا به ڪيترائي دليل موجود آهن. خود اسان جو پنهنجو وجود به هن ڳالھ جو روشن دليل آهي ته الله پاڪ جو وجود آهي. خير هاڻي مان توهان جي سامهون توحيد جي عقيدي جون ڪجھ عملي گھُرجون بيان ڪرڻ چاهيان ٿو. شاعرِ مشرق علامہ اقبال چيو آهي ته:

خُودِی کا سِرِّ نِہاں لَآ اِلٰہَ اِلَّا الله[1]

يعني انسان جي لڪيل صلاحيتن کي ظاهر ڪري، ڪيس ترقيءَ جي بلند ترين درجي تي پهچائڻ واري شيءِ لَآ اِلٰہَ اِلَّا الله آهي.

بين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته توحيد جو عقيدو صرف هڪ عقيدو نه آهي، پر هي هڪ مڪمل نصاب آهي، هي هڪ لڪيل قوت آهي ◈ جيڪا انسان کي انسانيت جون حدون ٻڌائي ٿي ◈ هي عقيدو انسان کي انسان

[1] ۔ کلیاتِ اقبال، ضربِ کلیم، صفحہ:527۔

ٻڌڻ سيکاري ٿو ◈ هي عقيدو انسان کي ترقي ۽ ڪاميابيءَ جي انهن بلندين تائين وٺي وڃي ٿو، جن جو تصور به هن عقيدي کان سواءِ نه ٿو ڪري سگهجي. پر اِهو ڪيئن ٿيندو؟ اَلحَمدُلِلّٰهِ! الله پاڪ جو فضل آهي، جو اسان ننڍپڻ کان ئي مُوَحِّد (يعني الله پاڪ کي هڪ مڃڻ وارا) آهيون، پر ياد رکو! هڪ توحيد عملي به هوندي آهي، يعني توحيد جو عقيدو اختيار ته ڪري ورتوسين، مسلمان به ٿي وياسين، پر هاڻي هن عقيدي کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ به نافذ ڪرڻو آهي. اِهو ڪيئن ٿيندو؟ ان جا ڪجهه طريقا مان توهان جي سامهون پيش ڪري رهيو آهيان:

## داتا حُضُور ۽ کَشْفُ الْمَحْجُوب

20 صفر شريف تي برصغير پاڪ و هند جي مشهور ۽ عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، حضرت داتا گنج بخش علي هجويري رَحمَةُاللهِعَلَيه جو عرس مبارڪ ٿيندو آهي. داتا حضور رَحمَةُاللهِعَلَيه تمام وڏا ولي الله به هئا ۽ تمام وڏا عالم به هئا. سندن مشهور ڪتاب آهي کَشْفُ الْمَحْجُوب. جنهن ۾ انهن وڏو علمي خزانو بيان فرمايو آهي. اچو ته انهيءَ ئي ڪتاب کَشْفُ الْمَحْجُوب جي ئي روشنيءَ ۾ توحيد جي عقيدي جون ڪجهه عملي تقاضائون ٻڌون:

## الله پاڪ کان حياءُ

حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحمَةُاللهِعَلَيه عقيدهءِ توحيد جو بيان شروع ڪندي سڀ کان پهريان هڪ حديث پاڪ نقل ڪئي آهي ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان کان اڳين قومن ۾ هڪ شخص هو، جيڪو توحيد جي عقيدي تي پڪو ايمان رکندو هو، پر هُن ڪڏهن ڪا نيڪي

نہ ڪئي هئي، جڏهن سندس آخري وقت آيو تہ هُن پنهنجي گهر وارن کي چيو: جڏهن مان مري وڃان تہ مون کي ساڙي ڇڏجو، پوءِ منهنجي خاڪ ڪٺي اڌ هوا ۾ اڏائي ڇڏجو ۽ اڌ درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏجو. تنهنڪري جڏهن اهو ايمان وارو مسلمان وفات ڪري ويو تہ ان جي گهر وارن سندس وصيت مطابق عمل ڪيو، جڏهن سندس خاڪ هوا ۾ اُڏائي وئي تہ الله پاڪ هوا کي حڪم ڏنو تہ ان جي خاڪ حاضر ڪر! ۽ جيڪا خاڪ درياءَ ۾ لوڙهي وئي هئي، الله پاڪ درياءَ کي حڪم ڏنو تہ خاڪ حاضر ڪر! پوءِ ان جي سموري خاڪ مان سندس مجسمو تيار ڪيو ويو ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ڪيو ويو. رب ڪريم فرمايو: تو ائين ڇو ڪيو؟ اُن شخص عرض ڪيو: اي الله پاڪ! (مان گنهگار هئس، مون ڪڏهن بہ ڪا نيڪي نہ ڪئي هئي)، تنهنڪري تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ کان مون کي حياءُ اچي رهيو هو، ان ڪري مون پنهنجي خاڪ هوا ۾ اڏرائڻ جي وصيت ڪئي. بس اُن جو اهڙي طرح الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ کان حياءَ ڪرڻ ئي سندس ڪم اچي ويو ۽ الله پاڪ ان جي بخشش ۽ مغفرت فرمائي ڇڏي.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي رحمت بہ عجيب شان واري آهي، ڪنهن ڪيڏو نہ خوب چيو آهي تہ:

رَحْمَتِ حَق بَہَا نَمِي جُوَيَد | رَحْمَتِ حَق بَہَانَہ مِي جُوَيَد

**مفهوم:** يعني الله پاڪ جي رحمت اِهو نہ ڏسندي آهي تہ ٻانهي وٽ وڏيون وڏيون نيڪيون هجن، پر اُها تہ رڳو بخشش جو بهانو ڳوليندي آهي. تنهنڪري

[1] بخاری، كتاب التوحيد، باب قول اللہ تعالٰی:يُرِيدُونَ أَنْ يُبَدِّلُوا...الخ، صفحہ:1808، حديث:7508 مفہوماً، كشف المحجوب، كشف الحجاب الثانی فی التوحيد، صفحہ:331۔

ڪڏهن ڪڏهن تمام ننڍڙي عمل جي ڪري بہ ٻانهي جي بخشش ڪئي ويندي آهي.

## پهرين تقاضا: اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ کان حياءُ ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ شروع ۾ ئي هن حديث پاڪ جو ذڪر ڪري اسان کي سبق ڏئي رهيا آهن تہ جيڪو شخص اللہ پاڪ جي وحدانيت تي ايمان رکڻ وارو آهي، اهو آخرڪار بخشش جو حقدار بڻجي ويندو آهي ۽ ٻيو هي تہ اهڙي شخص کي گهرجي تہ هُو اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ کان حياءُ ڪندو رهي.

واقعي پيارا اسلامي ڀائرو! مان ۽ توهان اسان سڀ مسلمان آهيون. اسان جو هي ايمان آهي تہ ◈ اللہ پاڪ موجود آهي ◈ اُن ئي هِن دنيا کي پيدا ڪيو آهي ◈ اُهو ئي هڪ ڏينهن هِن دنيا کي ختم فرمائيندو ۽ قيامت جو ڏينهن قائم ٿيندو ◈ اُهو ئي مالڪِ ڪريم وڏين قدرتن وارو آهي، جيڪو هن دنيا کان پوءِ حساب جو ڏينهن مقرر فرمائيندو، ها! ها!، ان ڏينهن مون کي، توهان کي ۽ اسان سڀني کي رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ پنهنجن عملن جو حساب ڏيڻو آهي.

## قيامت جي ڏينهن ڪَنڌَ جهُڪيل هوندا

اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وُجُوۡہٌ یَّوۡمَئِذٍ مُّسۡفِرَۃٌ (۳۸) ضَاحِکَۃٌ مُّسۡتَبۡشِرَۃٌ (۳۹) وَ وُجُوۡہٌ یَّوۡمَئِذٍ عَلَیۡہَا غَبَرَۃٌ (۴۰) تَرۡہَقُہَا قَتَرَۃٌ

(پارو: 30، سورة عبس: 38-41)

ترجموڪنزالعرفان: ڪيترا ئي چهرا ان ڏينهن روشن هوندا. کلندڙ هوندا خوشيون ملهائيندا هوندا. ۽ ڪيترن ئي چهرن تي ان ڏينهن ڌوڙ پيل هوندي. انهن تي ڪاراڻ چڙهي رهي هوندي

الله اڪبر! جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو، اسان سڀ الله پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿينداسين، ان ڏينهن هر شخص هڪ الڳ پريشانيءَ ۾ مبتلا هوندو، ڪجهه خوش نصيب هوندا، جن جا چهرا چمڪي رهيا هوندا، پنهنجن نيڪ عملن جو اجر ڏسي سندن چهرن تي مرڪ پکڙيل هوندي ۽ هاءِ! ڪجهه گنهگار هوندا، جيڪي شرم وچان پاڻي پاڻي ٿي رهيا هوندا، سندن چهرن جو رنگ اڏامي ويو هوندو ۽ انهن جي چهرن تي ڦِٽڪار وَسِي رهي هوندي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضريءَ جو منظر آهي. اسان سڀ اَلحَمدُلله! توحيد تي پختو ايمان رکڻ وارا آهيون، ان جي عملي تقاضا هيءَ آهي ته اسان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ کان حياءُ ڪريون ۽ اِهو سوچون ته اسان ڪهڙو مُنهُن کڻي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿينداسين...؟

## الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضريءَ جو خوف

حضرت شيخ سعدي شيرازي رَحمَةُاللهِعَلَيه فرمائن ٿا: مسجد الحرام جي ويجهو ڪجهه ماڻهو عبادت ۾ مشغول هئا ته اوچتو هنن ڏٺو ته هڪ شخص ڪعبي جي ديوار سان چنبڙي زار و قطار روئي رهيو آهي ۽ سندس لبن تي هيءَ دعا جاري آهي ته اي الله! جيڪڏهن منهنجا عمل تنهنجي بارگاهه جي لائق نه آهن

تہ سياڻي قيامت جي ڏينهن مون کي انڌو ڪري اُٿارجانءِ.

اهڙي عجيب ۽ غريب دعا ٻڌي ماڻهن کي تمام گهڻي حيرت ٿي، انهن دعا ڪرڻ واري کان پڇيو: اي شيخ! اسان تہ قيامت جي ڏينهن عافيت جا طلبگار آهيون ۽ توهان انڌو ڪري اٿارڻ جي دعا پيا گهرو، ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟ اُن شخص روئندي جواب ڏنو: منهنجو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن منهنجا عمل الله پاڪ جي بارگاهہ جي لائق نہ آهن تہ مان قيامت جي ڏينهن ان ڪري انڌو ٿي اُٿڻ پسند ڪري رهيو آهيان تہ جيئن مون کي ماڻهن جي اڳيان شرمسار نہ ٿيڻو پوي. اُهي سڀ ماڻهو هي عارفاڻو جواب ٻڌي تمام گهڻو متاثر ٿيا تنهنڪري پڇيائون: اي شيخ! توهان ڪير آهيو؟ انهن جواب ڏنو: مان عبدالقادر جيلاني آهيان.[1]

| | |
|---|---|
| تِرے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی! |
| بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دَم بچا یاالٰہی! |
| عبادت میں گزرے مِری زندگانی | کرم ہو کرم یاخُدا یاالٰہی! (2) |

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان کي حسابِ آخرت جو خوف نصيب فرمائي! يقيناً اسان حساب ڏيڻ جي قابل نہ آهيون. هاءِ! افسوس جيڪڏهن اسان کان حساب ورتو ويو تہ اسان کي سواءِ رُسوائيءَ جي ٻيو ڪجهہ هٿ نہ ايندو. تنهنڪري هميشہ اِها دعا ڪرڻ گهرجي تہ الله پاڪ پنهنجي رحمت سان، پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان جنت ۾ داخلا نصيب فرمائي ڇڏ.

1…خوفِ خدا، صفحہ:120.

2…وسائل بخشش، صفحہ:105ملتقطاً.

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جرم | دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا [1]

## ٻِي تقاضا: نفساني خواهشن کان رکجي وڃڻ

پيارا اسلامي ڀائر! توحيد جي عقيدي جي ٻي عملي تقاضا آهي: نفساني خواهشن کي ڇڏي، پاڻ کي الله پاڪ جي حڪمن جي تابع ڪري ڇڏڻ. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَفَرَءَیْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ<br>(پارو: 25، سورة جاثيه: 23) | ترجموڪنزالعرفان: ڀلا ڏس ته اهو جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو خدا بڻايو. |

هن آيت مان معلوم ٿيو ته نفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ گمراهيءَ جو سبب آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: اَبْغَضُ اِلٰهٍ عُبِدَ فِی الْاَرْضِ الْهَوٰی يعني زمين تي پوڄڻ وارو سڀ کان بڇڙو معبود نفس جي خواهش آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اِها وڏي غور ڪرڻ جي ڳالهه آهي. اسان جي دل ۾ جيڪي خواهشون پيدا ٿينديون آهن: ◈ گناهن سان ڀريل خواهشون ◈ غفلت سان ڀرپور خواهشون ◈ فضول ڪمن تي ٻڌل خواهشون ◈ رڳو عارضي لذت حاصل ڪرڻ واريون خواهشون...!! اسان جڏهن انهن خواهشن جا پيروڪار بڻجي ويندا آهيون ۽ انهن خواهشن جي ڪري الله پاڪ جي حڪمن کي پوئتي ڌِڪي ڇڏيندا آهيون، جهڙوڪ ماڻهو ◈ روزگار جي فڪر ۾ نمازون قضا ڪري ڇڏيندا آهن ◈ مال جي حرص ۾ ڪوڙ ڳالهائيندا آهن ◈ ڪاروبار ۾ ٺڳيون ڪندا آهن، ڌوڪا ڏيندا آهن. قرآن ڪريم انهن نفساني

[1] ذوقِ نعت، صفحه:18.
[2] جمع الجوامع، جلد:1، صفحه:75، حديث:152، مطبوعه ازهر شريف.

خواهشن کي خدا بڻائي ڇڏڻ قرار ڏنو آهي، يعني ماڻهو پنهنجي نفسِ اماره جي فرمانبرداري ائين ڪري رهيو آهي، جيئن الله پاڪ جي اطاعت ڪئي ويندي آهي. هي جيتوڻيڪ شرڪ نہ آهي، يعني ماڻهو پنهنجي نفساني خواهشن جو شڪار ٿي اسلام جي دائري مان نڪري نہ ويندو آهي، پر توحيد جي عقيدي جي عملي تقاضا آهي تہ اسان پنهنجي نفس جي مخالفت ڪندي الله پاڪ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ لڳي وڃون.

## اسان ۾ اسان جون لذت پرستيون

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اڄ اسان دنيا پرستيءَ ۾ تمام گهڻو اڳتي نڪري ويا آهيون. الله پاڪ غير مسلمن جو حال بيان ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ<br>(پارو: 26، سورة احقاف: 20) | ترجموڪنزالعرفان: توهان پنهنجي حصي جون پاڪ شيون پنهنجي دنيا جي ئي زندگي ۾ فنا ڪري چڪؤ ۽ انهن مان فائدو ڪٽي چڪؤ. |

هي آهي تہ غير مسلمن جي صفت، پر افسوس! ڪيترن ئي مسلمانن هن خراب عادت کي وڏي حد تائين اختيار ڪري ورتو آهي. اسان جي سامهون صرف دنيا ئي دنيا هوندي آهي، آخرت جو فائدو تمام گهٽِ ماڻهو ڏسندا آهن ◈ اسان جي زندگيءَ جو مقصد: وڏا وڏا بنگلا تعمير ڪرڻ، گاڏيون خريد ڪرڻ، امير ٿيڻ، ڪاروبار وڌائڻ ◈ اسان جي ڏينهن ۽ رات جي مصروفيت: ڪمائڻ، کائڻ، پائڻ ۽ سمهڻ ◈ اسان جون خواهشون: شهرت، عزت، واکاڻ، سڀني کان نمايان نظر اچڻ ۽ سڀني کان نمايان رهڻ ◈ افسوس جي ڳالهہ هيءَ

آهي تہ جيڪي خالص ديني ڪم آهن، يعني اُهي ڪم جن جي ذريعي اسان آخرت ڪمائي سگهون ٿا، اڄڪلهہ ماڻهو اُهي اخروي ڪم بہ دنياوي لذت جي لاءِ ڪري رهيا آهن. مثال طور: ◈ علم حاصل ڪرڻ سنو عمل آهي، پر اسان وٽ علم صرف ۽ صرف نوڪري حاصل ڪرڻ ۽ پئسو ڪمائڻ جي لاءِ سکيو پيو وڃي، تنهنڪري ئي تہ ماڻهو ڊگريون گڏ ڪري رهيا آهن ۽ علمِ دين سکڻ ڏانهن ڌيان نہ ڏئي رهيا آهن ◈ اهڙي طرح عبادت تہ آخرت جي لاءِ ڪئي ويندي آهي، پر اسان وٽ ماڻهو عبادت جي بہ نمائش ڪندا آهن تہ جيئن دنيا ۾ عزت ملي، شهرت حاصل ٿئي ۽ ماڻهن کي خبر پئي تہ سائين جن ◈ وڏا سخي آهن ◈ وڏا نمازي ۽ پرهيزگار آهن.

مختصر هي تہ اسان جي نظرن جي ابتدا ۽ انتها صرف دنيا بڻجندي پئي وڃي، اسان کي ڪجهہ آخرت جي لاءِ بہ بچائي رکڻو آهي، ان طرف ڪنهن جو ڌيان ئي نہ ٿو وڃي، ڪاش! اسان دنيا جي بدران آخرت جا طلبگار بڻجي وڃون.

## غير مسلمن جي لاءِ دنيا ۽ اسان جي لاءِ آخرت

مسلمانن جا ٻيان نمبر خليفا حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ ڏٺائون تہ هڪ چمڙي جو وهاڻو آهي، جنهن جي اندر کجيءَ جو ڪاٻَر ڀريل آهي ۽ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ان تي ٽيڪ لڳائي کُهري واڻ (***Coarse Fibre Cords***)سان واڻيل کٽ تي ليٽيل آهن، کٽ تي ڪو بسترو يا ڪپڙو بہ نہ هو، جڏهن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کٽ تان اٿيا تہ سندن جسم مبارڪ تي واڻ جا نشان موجود هئا.

آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي دنيا کان بي رغبتي جو هي منظر ڏسي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي دل پرجي آئي ۽ سندن اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم عاشقِ زار کي روئندو ڏٺو ته فرمايائون: اي عمر! ڇو روئي رهيو آهين؟ عرض ڪيائون: يا رسول الله! صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم خدا جو قسم! مان ڄاڻان ٿو ته توهان الله پاڪ جا رسول آهيو، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ اوهان جو تمام بلند مقام آهي، توهان قيصر و ڪِسريٰ (روم ۽ ايران جي بادشاهن) کان تمام گهڻا عزت وارا آهيو، يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مون کي روئڻ ان ڳالهه تي اچي رهيو آهي ته قيصر ۽ ڪسريٰ ته دنيا جي نعمتن ۾ عيش ۽ آرام واري زندگي گذارين ۽ اوهان الله پاڪ جا رسول هجڻ جي باوجود اهڙي زاهدانه زندگي بسر ڪري رهيا آهيو؟ عاشقِ زار جي تشويش ڏسي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي عمر! ڇا تون ان ڳالهه تي راضي نه آهين ته انهن غير مسلمن لاءِ دنيا آهي ۽ اسان جي لاءِ آخرت آهي؟ (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته اسان جا آقا، پيارا پيارا مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم دنيا کان ڪيتري قدر بي رغبتي رکندا هئا، هتان جي فاني نعمتن ۽ عيش عشرت کان پري رهِي نهايت سادي ۽ زاهدانه زندگي گذاريندا هئا.

سلام اُس پر کہ جس نے بے کسوں کی دَستگیری کی
سلام اُس پر کہ جس نے بادشاہی میں فقیری کی
سلام اُس پر کہ جس کے گھر میں چاندی تھی نہ سونا تھا
سلام اُس پر کہ سادہ بُورِیا جس کا بچھونا تھا

---

1…الزهد لامام احمد بن حنبل، زہد عمید بن عمیر، صفحہ:448، حدیث:2370۔

الله پاڪ اسان کي نفساني خواهشن جي پيروي کان بچڻ ۽ قرآن ۽ حديث جي حڪمن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡنۡ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ٽِين تقاضا: الله پاڪ جي رِضا ۾ راضي رهڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہِ جي ارشادات جو خلاصو آهي: فرمائن ٿا تہ: (عملي) توحيد اِها آهي تہ ٻانهو الله پاڪ جي مرضيءَ آڏو ائين ٿي وڃي، جيئن مئل ماڻهو غسال (غسل ڏيڻ واري) جي هٿ ۾ هوندو آهي.[1] يعني ماڻهو اهڙي بندگي اختيار ڪري، جو الله پاڪ جي ڪنهن بہ فيصلي تي سندس دل ۾ ذري برابر بہ اعتراض پيدا نہ ٿئي.

## ٻانهو ڪنهن کي چوندا آهن

اڳئين زماني ۾ غلام باقاعدي بازارن ۾ وڪامندا هئا، هڪ ڀيري حضرت ابراهيم بن ادهم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہِ کي هڪ غلام جي ضرورت پيش آئي، پاڻ بازار تشريف وٺي ويا، هڪ غلام خريد ڪيائون ۽ گهر وٺي آيا، پاڻ ان غلام کان پڇيائون: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ غلام وراڻيو: جنهن نالي سان اوهان سڏيندؤ، اهوئي منهنجو نالو هوندو، پاڻ ڪانئس پڇيائون: تون ڪهڙي شيءِ کائڻ جو عادي آهين؟ غلام جواب ڏنو: جيڪو اوهان کارائيندؤ، اُهو کائيندس، پوءِ پڇيائون: تنهنجي ڪا خواهش هجي تہ ٻڌاءِ، غلام عرض ڪيو: جيڪا اوهان جي خواهش آهي، اُها ئي منهنجي خواهش آهي، مان تہ غلام آهيان ۽ غلام کي انهن ڳالهين سان واسطو نہ هوندو آهي. اِهو ٻڌي حضرت ابراهيم بن ادهم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہِ سوچڻ لڳا: ڪاش! مان بہ الله پاڪ جو اهڙو ئي اطاعت گذار هجان ها

[1] كشف المحجوب، كشف الحجاب الثانى فى التوحيد، صفحه:336و 337 خلاصةً۔

تہ ڪيڏو نہ بهتر ٿئي ها. (1)

اي عاشقانِ رسول! اِنهيءَ ڪي چوندا آهن ٻانهو (يعني غلام) هجڻ. ٻانهو هوندو ئي اُهو آهي، جنهن جي پنهنجي ڪا خواهش نہ هجي، جنهن جي پنهنجي ڪا مرضي نہ هجي، ٻانهو هميشہ پنهنجي مالڪ جي مرضيءَ تي هلندو آهي، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ: غربت اچي، پريشاني اچي، مصيبت اچي، ڪجهہ بہ ٿي پئي، اسان الله پاڪ جي فيصلي تي مطمئن رهون ۽ ڪڏهن بہ زبان تي شڪايت نہ آڻيون.

## اللّٰه پاڪ جي رِضا ۾ راضي رهڻ وارن جي لاءِ خوشخبري

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: طُوْبٰى لِمَنْ هُدِىَ لِلْاِسْلَامِ وَكَانَ رِزْقُهٗ كَفَافًا وَرَضِيَ بِهٖ يعني خوشخبري آهي ان شخص جي لاءِ، جنهن کي اسلام جي هدايت ڏني وئي، گذاري جيترو رزق عطا ڪيو ويو ۽ هو ان تي راضي رهيو. (2)

## چوٿِين تقاضا: تَوَڪُل

پيارا اسلامي ڀائرو! توحيد جي عقيدي جي هڪ عملي تقاضا هيءَ بہ آهي تہ انسان الله پاڪ تي توڪل ڪري، ان تي ڀروسو رکي. جڏهن اسان مڃي ورتو تہ: مالڪ اُهو ئي آهي، رازق اُهو ئي آهي، خالق اُهو ئي آهي، حفاظت ڪرڻ وارو ۽ مدد ڪرڻ بہ اُهو ئي آهي، تہ پوءِ گهرجي تہ پنهنجي خالق ۽ مالڪ تي پورو پورو ڀروسو بہ ڪريون.

---

1…تذكرة الاولياء، حضرت ابراہيم ادھم، صفحہ:78۔

2…احياء العلوم ، جلد:5، صفحہ:159، ترمذی، کتاب الزہد، صفحہ:561، حديث:2349مفہوماً۔

## جڏهن هڪ غير مسلم ڪلمو پڙهيو

عبدالواحد بن زيد فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان ساموندي سفر تي هئس ته اوچتو تيز هوائون هلڻ لڳيون، انهن هوائن اسان کي هڪ ويران ٻيٽ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. جڏهن اسان ان ٻيٽ تي لٿاسين ته ڏٺوسين ته اتي هڪ شخص غير الله جي عبادت ۾ مشغول آهي. اسان کيس چيو ته اسان ته اهڙي مشرڪ کي پاڻ سان گڏ سوار نه ڪنداسين. ان مشرڪ پڇيو: توهان ڪنهن جي عبادت ڪندا آهيو؟ اسان چيو: الله پاڪ جي. هن پڇيو: الله ڪير آهي؟ اسان چيو: اُهوئي، جنهن جو عرش آسمانن کان مٿي ۽ جنهن جي حڪومت زمين تي آهي. مشرڪ پڇيو: توهان کي اِها خبر ڪيئن پئي؟ اسان چيو: الله پاڪ اسان ڏانهن پنهنجو هڪ رسول موڪليو، جنهن معجزا ڏيکاريا، ۽ ان ئي رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان کي الله پاڪ جي جي متعلق ٻڌايو. مشرڪ پڇيو: پوءِ توهان جي اُن رسول جو ڇا ٿيو؟ اسان چيو: جڏهن انهن الله پاڪ جو پيغام پوري طرح اسان تائين پهچائي ڇڏيو، ته رب ڪريم کين پاڻ وٽِ گهُرائي ورتو. مشرڪ پڇيو: ڇا اوهان وٽ انهن جي ڪا نشاني موجود آهي؟ اسان جواب ڏنو: ها، الله پاڪ جو ڪتاب آهي. هن چيو: ڪٿي اچو! مون کي ڏيکاريو.

هاڻي اسان کيس قرآن ڪريم ڏيکاريو. هن غور سان ڏسي چيو: مون کي ته هي پڙهڻ نه ٿو اچي. پوءِ اسان کيس قرآن پاڪ پڙهي ٻڌايو.

الله! الله! قرآن ڪريم جو ڇا ته شان آهي! اسان جيئن ئي تلاوت شروع ڪئي ته قرآنِ مجيد جا مقدس لفظ تاثير جو تير ٻڻجي سندس دل ۾ کُپِي ويا، هو تلاوت ٻڌندو پئي ويو ۽ روئندو پئي ويو، آخرڪار چوڻ لڳو: **هي جنهن**

**هستيءَ جو ڪلام آهي، حق ٿئي ٿو ته سندس نافرماني نه ڪئي وڃي. اِهو چئي ان مشرڪ ڪلمو پڙهيو۽ مسلمان ٿي ويو.**

هاڻي اسان ان کي پاڻ سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪري ورتو. رستي ۾ اسان کيس قرآن ڪريم جي هڪ سورت به سيکاري ڇڏي. جڏهن رات ٿي ته اسان سڀ پنهنجن پنهنجن بسترن ۾ هليا وياسين. اُهو نئون مسلمان چوڻ لڳو: اي قوم! جنهن خدا جي توهان مون کي سڃاڻپ ڪرائي، ڇا اهو به سمهندو آهي؟ اسان چيو: نه، اهو حَيٌّ وقَيُّوم آهي، ان کي نه ننڊ ايندي آهي ۽ نه ئي جهُوٽو ايندو آهي. اِهو ٻڌي ان نئين مسلمان چيو: اِها بي ادبي آهي جو ٻانهو پنهنجي مالڪ جي سامهون سمهيو رهي. اِهو چئي هو اُٿي بيٺو ۽ سڄي رات بيٺو روئندو رهيو، روئندو رهيو، تان جو صبح ٿي ويو.

عبدالواحد بن زيد فرمائن ٿا: جڏهن اسان عبادان (نالي هڪ شهر) ۾ پهتاسين ته اسان دوستن گڏجي ڪجهه رقم جمع ڪئي ۽ ان نئين مسلمان کي ڏني. رقم ڏسي هن چيو: هي ڇا آهي؟ اسان چيو: اسان تنهنجي مدد ڪري رهيا آهيون. هن بي نيازيءَ سان چيو: سُبْحٰنَ الله! توهان مون کي اُهو رستو ڏيکاريو، جيڪو توهان پاڻ به نه ٿا ڄاڻو. جڏهن مان ٻيٽ تي هئس ۽ غير الله جي عبادت ڪري رهيو هئس، ته ان وقت به الله پاڪ مون کي بکيو نه رکيو ته هاڻي ڪيئن ضايع فرمائيندو؟ اِهو چئي هو اسان کان جدا ٿي ويو. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڇا ته شان آهي! ڪاش! اسان کي به هن صاحبِ ايمان جهڙو ڪامل ايمان نصيب ٿي وڃي، اسان کي به الله پاڪ تي صحيح معنيٰ ۾ تَوَڪُّل نصيب ٿي وڃي.

---

1…نزہۃ المجالس، باب فضل الصلوات ليلا و نهارا ومتعلقاتها ، جز :1، صفحہ:144۔

## بيان جو خلاصو

بهرحال، پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! اسان الله پاڪ تي ايمان ته رکون ٿا، پر اسان کي گھرجي ته توحيد جي عقيدي جون عملي تقاضائون به پوريون ڪريون. مختصر طور تي مان ڪَشْفُ الْمَحْجُوب شريف جي روشنيءَ ۾ ڪجھ تقاضائون عرض ڪيون آهن: (1): الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضريءَ کان حياءُ ڪرڻ (2): نفساني خواهشن کان رڪجي وڃڻ (3): الله پاڪ جي رِضا ۾ راضي رهڻ (4): الله پاڪ تي ڪامل توڪل رکڻ. هِي توحيد جي عقيدي جون 4 عملي تقاضائون آهن. الله پاڪ اسان کي انهن سڀني تقاضائن کي عملي طور اختيار ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: ايف جي آر ايف (FGRF)

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم آهي. هن تنظيم جي ذريعي وڏي پيماني تي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي. ديني ڪمن سان گڏوگڏ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل امت جي خيرخواهي به ڪئي پئي وڃي جنهن جي لاءِ **فيضان گلوبل رليف فائونڊيشن** (*FGRF*) جي نالي سان هڪ شعبو قائم ڪيو ويو آهي. هي شعبو ◈ مسلمانن جي خيرخواهي ◈ يتيمن جي ڪفالت ◈ آفتن ۾ مسلمانن جي امداد ◈ وڏڪاري ◈ رت جو عطيو (بلڊ ڊونيشن) ◈ گھرن جي تعمير ◈ راشن جي فراهمي ◈ طبي امداد ۽ ان کان علاوه به مختلف سطحن تي پنهنجون خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي.

هن شعبي جي ذريعي هن وقت تائين لڳ ڀڳ: ◈ **87 هزار** 452 رت جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن ◈ **1 ڪروڙ 1 لک 87 هزار 206** ماڻهن جي مالي امداد ڪئي وئي آهي ◈ هيلٿ ڪيئر سينٽر جي ذريعي تقريباً **192 لک 2 هزار 47** ڪان وڌيڪ ماڻهن کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي آهي ◈ جڏهن ته اندازاً **35 لک 6 هزار 733** وڻ پوکيا ويا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مَعْرِفَةُ الْقُرْآن موبائل ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن مَعْرِفَةُ الْقُرْآن جي نالي سان جاري ڪئي آهي. توهان هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ◈ قرآن پاڪ جو لفظي ۽ بامحاوره ترجمو پڙهي سگهو ٿا ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ آيتن جا عنوان به ڏنا ويا آهن، جن جي مدد سان پنهنجي موضوع مطابق قرآني آيتون ڏسي ۽ ڳولي سگهجن ٿيون. خاص طور مبلغ اسلامي ڀائر ان مان تمام گهڻي مدد حاصل ڪري سگهن ٿا ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ جو آپشن به ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان آيتون تلاش ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي◈ موضوعن کي پن پوائنٽ ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي. توهان به هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

## ڪجهه ضروري اعلانات

◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، اينڊ ڇنڇر تي به رات جو عشاء جي نماز کان پوءِ

تقريباً **9 لڳي 45 منٽن** تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **الله وارن جا 12 واقعات** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين سان بہ شيئر(*Share*) ڪريو! ◈ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃاللهِ عليه تمام وڏا مفتي، باعمل عالمِ دين ۽ پندرهين صديءَ جا مجدد ٿي گذريا آهن. مڪتبة المدينہ سندن ◈سيرت ◈ اوصاف ◈ علمي ڪارنامن ◈ ۽ ديني خدمتن تي مشتمل هڪ جامع ۽ آسان ڪتاب **سيرتِ امامِ احمد رضا** شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **280 روپين** ۾ خريد فرمايو، پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلله! دعوتِ اسلامي هر سال آگسٽ جي مهيني ۾ وڻڪاري مهم هلائيندي آهي. دعوتِ اسلامي جي هن نعري **ٻوٽو لڳائڻو آهي، وَڻُ بڻائڻو آهي** ۾ توهان بہ شامل ٿي وڃو، ۽ شرعي احتياطن سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻوٽو لڳائي ان کي وڻ بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو. بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي وڻڪاريءَ بابت ڪجهہ مدني گل پيش ڪري رهيو آهيان.

## وَڻَ لڳايو! ثواب ڪمايو!

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جنهن ڪو وڻ لڳايو ۽ ان جي حفاظت ۽ سارسنڀال تي صبر ڪيو، ايسيتائين تائين جو اهو ميوو ڏيڻ لڳو تہ ان مان ڪاڏو ويندڙ هڪ هڪ ميوو ان وڻ لڳائڻ واري جي طرفان اللّٰه پاڪ وٽ صدقو آهي. [1] **(2):** جيڪو مسلمان وڻ لڳائي يا فصل پوکي، پوءِ ان مان جيڪو پکي، انسان يا چوپايو کائي، تہ اهو ان جي طرفان صدقو آهي. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! وڻ لڳائڻ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم جي سنت آهي ◈ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ عنه جي لاءِ تقريباً 300کجور جا وڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان لڳايا. [3] ◈ انهن مان هڪ وڻ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عنه بہ لڳايو هو. [4] ◈ حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عنه بہ وڻ پوکيندا هئا. [5]

تفسيرِ ڪبير ۾ آهي تہ: نهرون کوٽائڻ ۽ وڻڪاري (يعني وڻ پوکڻ) (*Plantation*) سبب فارس (ايران) جي بادشاهن جون عمريون ڊگهيون ٿينديون هيون. [6]

**وڻن جا فائدا:** ◈ وڻ ۽ ٻوٽا ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪندا آهن ◈ آڪسيجن فراهم ڪندا آهن ◈ فضائي آلودگي گهٽ ڪندا آهن ◈ ماحول کي ٺڌو ۽ خوشگوار بڻائيندا آهن ◈ لينڊ سلائيڊنگ (يعني مٽي يا پٿرن جا وڏا ڍير ڪِرڻ) کان بچائيندا آهن ◈ گلوبل وارمنگ (*Global Warming*) (دنيا

---

1…مسنداحمد، جلد:6، صفحہ:701، حديث:17037۔
2…مسلم، كتاب المساقاة، باب فضل الغرس و ا لزرع، صفحہ:604، حديث:1553۔
3… دلائل النبوة، باب ماظہر فی النخل التی غرسہا النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم …الخ،جلد:6، صفحہ:97بتصرف۔
4… دلائل النبوة، باب ماظہر فی النخل التی غرسہا النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم …الخ،جلد:6، صفحہ:97۔
5… ابن ماجہ ، کتاب الادب، باب فضل التسبیح، صفحہ:610، حدیث:3807 ماخوذاً۔
6… تفسیر کبیر، پارہ:12، ھود، زیرِ آیت:61،جلد:6، صفحہ:367 بتصرف ۔

جي وڏندڙ گرمي پد) ۾ گهٽتائي جو سبب بڻجندا آهن. [1]

**وڻ لڳائڻ جا احتياط:** پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻُوٽو ته لڳائڻو آهي ۽ ان کي وڻ بہ بڻائڻو آهي، تنهنڪري ◈ ٻُوٽو لڳائڻ کان پوءِ ان کي باقاعده پاڻي ڏيو! ◈ انهن جي صفائي ◈ ۽ چانگ جو خصوصي خيال ڪريو! ◈ عام گذرگاهن تي، جتي ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي تڪليف ٿيندي هجي ◈ جتي قانوني طور منع هجي ◈ ۽ ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ۾ ٻوٽو نہ لڳايو! ◈ جيڪڏهن ڪنهن جي لاءِ ٻاهر ٻوٽو لڳائڻ ممڪن نہ هجي تہ هو پنهنجي گهر ۾ ڪُونڊِيُن اندر ننڍا ٻوٽا لڳائي. [2]

وڻ لڳائڻ جا وڏيڪ فضائل، فائدا ۽ احتياط ڄاڻڻ جي لاءِ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو لکيل تمام پيارو رسالو **وڻ لڳايو! ثواب ڪمايو!** مڪتبةُ المدينہ تان حاصل ڪريو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪريو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو، ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا، جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان ٻين کي بہ شيئر (*Share*) ڪريو.

آؤ لوگو! سب مل کر اِک شجر لگاتے ہیں | سر پہ ٹھنڈی چھت والا ایک گھر بناتے ہیں
گرمیوں کی چھاؤں ہیں، سردیوں کا ایندھن ہیں | کون کہتا ہے یہ پیڑ پھل نہیں بناتے ہیں؟

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... درخت لگائیے ثواب کمائیے، صفحہ:8 ملتقطاً۔

2... درخت لگائیے ثواب کمائیے، صفحہ:7-13-15 ملتقطاً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينهصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين ڏسندو ته سرڪار مدينهصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينهصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءٔ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب في ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455